# رحم جي تمنا



فاطمہ عيد الضحيٰ جي موقعي تي بلڪل اڪيلي هئي، ۽ سندس اها تنهائي ائين پئي لڳي تہ ڄڻ هو گهڻي وقت تائين ان کي برداشت ڪري نہ سگهندي. سندس اڪيلائي هُن جي پنهنجي ئي غلطيءَ جي ڪري هئي، ڇا ائين نہ هو؟

فاطمہ کي ياد آيو تہ احمد سان شادي ڪرڻ لاءِ هن ڪيئن نہ پنهنجي پيءُ سان تکي نموني بحث ڪيو هو. هوءَ جوان جمان هئي ۽ ان جي پيار ۾ ڦاٿل هئي. سندس پيءُ ڪيئن ٿي انڪار ڪري سگهيو؟ هوءَ جڏهن احمد سان شاديءَ لاءِ گهران ڀڄي نڪتي هئي تہ سندس پيءَ ڪيس چيو هو تہ هو پيهر گهر واپس موٽي نہ اچي.

هن سوچيو تہ احمد جي پيار لاءِ اُها شرمساريءَ ڪي منهن ڏئي وٺندي. پر پوءِ جلد ئي هن کي قبول ڪرڻو پيو تہ سندس پيءُ صحيح هو. هن سوچيو تہ احمد اُهو ماڻهو نہ هو جنهن سان اُن کي محبت ٿي هئي. هن ڪنهن ٻي ڇوڪريءَ خاطر ڪيس ڇڏي ڏنو.

ان کان پوءِ فاطمہ کي پنهنجو پاڻ تي شرم اچڻ لڳو. هن محيو تہ ساڻس بلڪل صحيح ٿيو ۽ ان لاءِ ڪيس هاڻي پاڻ ئي ڀوڳڻو پوي پيو. هوءَ اها ڳالھ چڱي نموني سمجهي چڪي هئي. اوهُ پر، هاڻي سندس دل رحم لاءِ ڪيئن ٿي واجهايو!

## نهايت ٻاجهارو ۽ رحم ڪندڙ

جيڪڏهن اسان ايماندار ٿيون تہ، اسان سڀئي گنهگار آهيون ۽ اسان عقل جي آواز کي نظرانداز ڪيو آهي. اسان ڀين کي ناراز ڪيو آهي. ڀين اسان کي ناراض ڪيو آهي. اسان جو معاشرو اهڙن ماڻهن سان ٽهيل آهي جيڪي غلطيون ڪندا آهن. ۽ اهو

ڪيترو نہ مشڪل ڪم آهي تہ اسين پنهنجو پاڻ ۾ پين ڪي معاف ڪري ڇڏيون!

## ڇا اسان جي ڪيل غلطين جي ڪا تلافي ٿي سگهي ٿي؟

ٿورو سوچيو تہ توهان ڪيترا ڀيرا ”بسم الله الرحمٰن الرحيم “جو بلڪل سادو ورد ڪيو هوندو جنهن جي معنيٰ آهي” شروع ڪيان ٿو پنهنجي انهيءَ رب جي نالي سان جيڪو نهايت ٻاجهارو ۽ رحم ڪندڙ آهي. “ انهيءَ رحمَ جي طلب ۾ ڪهڙي خاص ڳالهه آهي؟

شايد اهو انهيءَ ڪري آهي ڇو تہ اسانجي ڪٽنبن—۽ اسانجي پنهنجن دلين ڪي—انهيءَ رحم جي تمام سخت ضرورت آهي.

## رحم: هڪ بهتر واٽ

ڪجھ سال اڳ، عبدالرحمان نالي هڪ شخص پنهنجي پاڙيسري ڪريم سان وڙهيو ۽ ان کي قتل ڪري ڇڏيائين. مصر جي هن ننڍڙي ڳوٺ ۾ پنهي خاندانن لاءِ جيئڻ جنجال ٿي ويو. ڪريم جي ڪٽنب بدلو وٺڻ جي ڪوشش ڪئي، جڏهن تہ عبدالرحمان جا گهرياتي سندس مارجڻ جي ڊپ کان ڪيس بچائڻ لاءِ ڊوڙڊڪ ڪئي. عبدالرحمان پاڻ بہ اهو نٿي چاهيو تہ بدلو وٺڻَ جو اهو سلسلو جاري و ساري رهي. هن ڳوٺ جي سردارن کان جرڳي ذريعي فيصلو ڪرڻ جو چيو ۽ اُنهن مقابلي ذريعي مارڻ جي رسم ڪرڻ لاءِ سفارش ڪئي.

پوءِ عبدالرحمان پاڻ لاءِ اڇو ڪفن جو ڪپڙو ڪٽي آيو ۽ هڪ چاقو َان جي مٿان رکيائينَ. پوءِ هو ڪريم جي گهر ڀاتين سان ملڻ لاءِ مارڪيٽ ڏانهن نڪتو، ۽ ڳوٺ جي سموري ماڻهن ڪيس ڏٺو پئيَ. ان کان پوءِ عبدالرحمان فوتيءَ جي ڀاءُ حبيب آڏو گوڏا

## هن رضامنديءَ سان پنهنجي لاءِ اهڙي موت جي چونڊ ڪئي ته جيئن انصافَ جي گهرج بابت جواب ڏيئي سگهي.

ڪوڙي ويهي رهيو ۽ سندس آندل ڪفن ۽ چاقو انجي حوالي ڪيائين. گڏوگڏ هن ڪيس متس رحم ڪرڻ ۽ ڪنهن نموني پاڻ ۾ ٺهي وڃڻ جي به ڳالهه ڪئي.

ٻئي پاسي حبيب اهو چاقو کنيو ۽ عبدالرحمان جي ڪنڌ تي رکي ڇڏيائين. تنهن ڪان پوءِ ڳوٺ جي سردارن هڪ رڙ آٿي اتي بيهاري، هاڻي حبيب ڪي ئيَ اهو فيصلو ڪرڻو هو: ته ڪيس معاف ڪندو يا بدلو وٺندو؟ جيئن ئي هن عبدالرحمان جي ڪنڌ تي چاقو ڪٽي رکيو، ۽ چيائين" هاڻي تون منهنجي رحم وڪرم تي آهين. سيني جون اکيون مون ڪي ڏسي رهيون آهن؛ سيڪو اهو به ڄاڻي ٿو ته منهنجو حق آهي ته آئون به توکي قتل ڪري ڇڏيان ۽ آئون ائين ڪري به سگهان ٿو. پر آئون معاف ڪرڻ ۽ ڳالهين ذريعي فيصلو ڪرڻ چاهيان ٿو. آئون پاڻ به اڳتي لاءِ اها رتوڇاڻ ختم ڪرڻ چاهيان ٿو. "

پوءِ هن عبدالرحمان ڪان منهن موڙي ٻئي پاسي اتي بيٺل رڙ ڪيَ ڪُهي ڇڏيو. جڏهن سندس تڪليف، ڪاوڙ لٿي ۽ عبدالرحمان بدران جانور ڪي ڪهي ڪيس معاف ڪري ڇڏيائين ته پوءِ هن وڃي عبدالرحمان ڪي ڀاڪر پاتو. اهڙي ريت ٻئي ڪٽنب وڙي ڪيرڪنڌ تي ويا ۽ هڪ ٻئي سان امن ۽ سڪون سان رهڻ لڳا.

جيڪڏهن انسان ذات انصاف ڪي رحم سان جوڙڻ جو رستو ڳولهي سگهي ٿو، ته بيشڪ خدا به اهو ڪري سگهي ٿو.

## يسوع مسيح: خداوند جي طرفان ڏنل رحمت

اسين خدا جي رحمت جي باري ۾ ڪٿان سکي سگهون ٿا؟ اهو ته پوءِ نهايت ئي آسان آهي. توهان يسوع مسيح بابت ٻڌو هوندو جيڪو (عيشيٰ مسيح) جي نالي سان به سڃاتو وڃي ٿو. جيڪو خدا جي وسيلي اسان کي معافي ڏي ٿو. جنهن جو مطلب اهو آهي ته هو پوري طرح سان رحم جي نشاندهي ڪري ٿو. سندس رستو - سندس تعليمات جيڪي بائيبل ۾ ڏنل آهن جنهن کي انجيل شريف طور به سڃاتو وڃي ٿو. اهوئي معافي ۽ درگذر ڪرڻ وارو رستو آهي.

فقط عيشيٰ مسيح ئي هڪ نهايت ئي مانائتو ڪردار تمام سهڻي نموني ادا ڪري سگهي ٿو، ڇاڪاڻ ته پاڻ ئي اهو واحد شخص هو جنهن کي خداوند طرفان موڪليو ويو ۽ جيڪو مڪمل طور گناهن کان پاڪ آهي. هر ڪنهن نبي ۽ پيغمبر کي سندس غلطين لاءِ استغفار جي ضرورت پئي پر عيشيٰ مسيح لاءِ ائين ناهي. ڪيس قيامت جي ڏينهن جو انتظار ڪرائڻ بدران سِڌو سنئون جنت ۾ موڪليو ويو. ڇاڪاڻ ته پاڻ ڪڏهن به ڪا غلطي ڪئي ئي ڪانه هئي- ڪوئي ننڍو گناهه به نه.

اهوئي سبب آهي ته ڪيس خدا تعاليٰ طرفان فضل عطا ٿيل آهي. پاڻ اسان کي پاڪ رحمت جو مثال ڏنائون، ۽ اسان کي خدا جي رحمت حاصل ڪرڻ سيڪاريائون.

## يسوع مسيح ڪيئن منهنجي مدد ڪري ٿا سگهن؟

اها ڳالهه سانديل آهي ته يوحنا بپتسما ڏيڻ وارو (جيڪو يحيٰ جي نالي سان به سڃاتو وڃي ٿو) تنهن عيشيٰ مسيح کي هڪ هجوم ۾ ڏٺو ۽ خدا تعاليٰ طرفان متاثر ٿي يڪدم

رڙ ڪيائين ته” اهو ئي آهي- خدا جو گيٽو جيڪو دنيا جا سمورا گناهه پاڻ سان گڏ کڻي ويندو. “(يوحنا جو انجيل 29:1) . عيشيٰ مسيح انهيءَ رڍ وانگر آهي جنهن جي ذريعي عبدالرحمان لاءِ درگذر ۽ صلح جو رستو هموار ٿيو.

جيڪڏهن اَسان کي پنهنجن غلطين تي سزا ڏني ٿي وڃي ته پوءِ انهيءَ کي ئي انصاف چئبو آهي. پرعيشيٰ مسيح، جيڪو پاڻ مڪمل طور تي معصوم هو، اسان جي غلطين جي ذميداري پاڻ تي کنئي. کنهن به کيس مجبور نہ ڪيو هو. هن رضامنديءَ سان پنهنجي لاءِ اهڙي موت جي چونڊ ڪئي تہ جيئن انصاف جي گهرج بابت جواب ڏيئي سگهي. پاڻ دنيا جا اڪلوتا مڪمل طور تي بي گناهه شخص هئا ۽ تنهنڪري ئي هو عبدالرحمان واري ڪهاڻيءَ ۾ پاڻ کي هڪ رڍ طور پيش ڪيو. تَنهنجي ڪري، جيڪي تڪليفون ان اسان جي لاءِ برداشت ڪيون، انڪان پوءِ خدا تعاليٰ کين بهشت ڏانهن گهرائي ورتو.

ٿي سگهي ٿو تہ توهان جي پنهنجي زندگيءَ ۾ بہ ڪو تضاد هجي. ٿي سگهي ٿو تہ توهين انهيءَ فاطمہ وانگر هجو جنهن سان پيار ڪريو ٿا تنهن جي ڪري ئي پوئتي رهجي ويا. ٿي سگهي ٿو تہ توهان کي ڪنهن رنجايو هجي يا وري توهان جي ساک کي هروپرو نقصان پهچايو ويو هجي. ايئن بہ ٿي سگهي ٿو تہ توهان عبدالرحمان وانگر هجو جيڪو پاڻ بہ ڏوهاري هو ۽ انتقام کان ڊڄندو هو.

يسوع مسيح مدد ڪري سگهي ٿو. توهين بلڪل سادي نموني نهايت نوڙت سان هن ريت مختصر طور ٻاڏائي سگهو ٿا تہ:

*اي خدا: آئون پنهنجي گناهن جي تلافي ڪيئن تو ڪري سگهان. پر مون کي خبر آهي ته تو يسوع مسيح جي شڪل ۾ اسان کي تنهنجي طرفان معافي ڏيڻ لاءِ موڪليو آهي. مهرباني ڪري سندس سڻن ڪمن جي ڪري جيڪي هن انسان ذات جي لاءِ ڀلائيءَ ۽ بهتريءَ لاءِ ڪيا آهن مون کي معاف ڪر. يسوع مسيح وارو رستو سمجهڻ ۾ منهنجي مدد ڪر ته جيئن آئون به پنهنجي حياتيءَ ۾ تنهنجي معاف ڪرڻ واري تجربي کان واقف ٿي سگهان. آمين.*

جيڪڏهن توهين پنهنجي لاءِ انجيل شريف جي هڪ ڪاپي حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا ته پوءِ هن صفحي جي پويان ڏنل معلومات ذريعي اسان سان رابطو ڪريو.

Copyright © 2023 by Sharing Hope Publications. هن ڪم کي بنا ڪنهن اجازت وٺڻ جي ڇپائي ۽ ورهائي سگهجي ٿو.

آيتون نئين ڪنگ جيمس ورزن® مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيل. ڪاپي رائيٽ© 1982 ٿامس نيلسن پاران. اجازت سان استعمال ٿيل. سڀ حق محفوظ آهن.

## وڌيڪ پڙهو







وڌيڪ سکڻ لاءِ QR ڪوڊ کي
اسڪينَ ڪريو.